# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 1995
# SINDH ACT NO.X OF 1995
# سر سيد يونيورسٽي اف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995
# THE SIR SYED UNIVERSITY OF ENGENEERING AND TECHNOLOGY ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب ـ I

شروعاتي

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

باب ـ II

يونيورسٽي

3. يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the University

4. يونيورسٽي سين لاءِ کليل هوندي
University open to all

5. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the University

باب ـ III

## يونيورسٽي جا عملدار

6. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

7. سرپرست
The Patron

8. دورو
Visitation

9. چانسيلر
The Chancellor

10. وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

## باب ـ IV

## يونيورسٽي جون اختياريون

11. اختياريون
Authorities

12. بورڊ آف گورنرس
Board of Governors

13. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Power and function of the Board

14. بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

15. اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

16. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council

17. ٻين اختيارين جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, functions and powers of other Authorities

18. اختيارين پاران ڪميٽي جي مقرري

Appointment of Committee by the Authorities

## باب _V

## قانون، ضابطا ۽ قاعدا

19. قانون

States

20. ضابطا

Regulations

21.

## باب _VI

## يونيورسٽي فنڊ

22. يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

The University fund, Audit and Accounts

23. ملازمت تان رٽائرمينٽ

Retirement from Services

24. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو

Opportunity to show cause

25. اپيل ۽ بورڊ طرفان نظرثاني

Appeal to and Review by Board

26. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووڊنٽ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension, insurance, gratuity, provident and benevolent fund

27. اختيارين جي ميمبرن جي مدي جي شروعات

Commence of term of members of authorities

28. اختيارين ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of casual vacancies in authorities

29. اختيارين جي ميمبر بابت تڪرار
Disputes about members of authorities

30. اختيارين جي ڪارروائين جي توثيق
Validity of proceedings of authorities

31. پهريون شيڊول
First Schedule

32. ڪارروائي تي پابندي
Bar of jurisdiction

33. ضمانت
Indemnity

34. قانون ساز ادارا
Constituent institutions

35. ڊسيپلين
Discipline

36. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties


شيڊول

پهريان قانون


1. فيڪلٽيز
Faculties

2. بورڊ آف فيڪلٽيز
Board of Faculties

3. ڊينس
Deans

4. تدريسي شعبو
Teaching Department

5. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

6. اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ

Board of Advanced studies and research

7. سليڪشن بورڊ

Selection Board

8. سليڪشن پروموشن بورڊ جا ڪم

Functions of the Selection promotion board

9. فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي

The finance and planning committee

10. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم

Functions of the finance and planning Committee

11. الحاق ڪميٽي

Affiliation Committee

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 1995
# SINDH ACT NO.X OF 1995
# سر سيد يونيورسٽي اف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995
# THE SIR SYED UNIVERSITY OF ENGENEERING AND TECHNOLOGY ACT, 1995

[25 آڪٽوبر 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ۾ سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ۾ سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

## باب _I
## شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي:

(i) “اڪيڊمڪ ڪائونسل” مطلب يونيورسٽي جي

اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii) "الحاق ٿيل ڪاليج يا ادارو" مطلب ڪاليج يا ادارو جنهن جو يونيورسٽي سان الحاق ٿيل هجي؛

(iii) "ايسوسيئيشن" مطلب سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽر ٿيل علي ڳڙهه يونيورسٽي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن آف پاڪستان، ڪراچي؛

(iv) "اٿارٽي" مطلب دفعه 11 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جي اختيارين مان ڪا هڪ؛

(v) "بورڊ" مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرس؛

(vi) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(vii) "ڪاليج" مطلب اهڙو ڪاليج ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ ادارو، جنهن ۾ انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي ۽ اهڙن ٻين لاڳاپيل مضمونن ۾ پڙهائڻ يا عملي تربيت ڏيڻ جو بندوبست ٿيل هجي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(viii) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو هيڊ؛

(ix) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو هيڊ؛

(x) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(xi) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xii) "ادارو" مطلب ادارو جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو وڃي؛

(xiii) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(xiv) "پروفيسر اميريٽس" مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي گنجائش تي ڪم ڪري رهيو هجي؛

(xv) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.

(xvi) "تدريسي شعبو" مطلب يونيورسٽي طرفان قائم ڪيل ۽ سنڀاليل يا تصديق ٿيل تدريسي شعبو.

(xix) "يونيورسٽي" مطلب سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي؛ ۽

(xx) "وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر.

## باب ـ II

## يونيورسٽي

يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the University

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي سڏيو ويندو. جيڪا سرپرست، چانسيلر، وائيس چانسيلر، ڊينس، تدريسي شعبن جي چيئرمين ۽ بورڊ جي ميمبرن تي مشتمل هوندي، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر ۽ اهڙا ٻيا عملدار جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) يونيورسٽي سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي ان ۾ شامل ڪنهن ملڪيت کي حاصل ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪا ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

يونيورسٽي سڀن لاءِ کليل هوندي
University open

4.يونيورسٽي سڀني ماڻهن لاءِ کليل هوندي، پر انهن جو تعلق ڪنهن بہ جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا

ويندڙ ڪورسن لاءِ تعليمي طور داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي انڪار نہ ڪيو ويندو.

to all

5. يونيورسٽي خودمختيار باڊي هوندي ۽ ان کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the University

(i) انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ۽ سکيا جي اهڙين شاخن ۾ هدايت فراهم ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي ۽ ان سلسلي ۾ ڄاڻ جي ترقي ۽ هٿي وٺرائڻ لاءِ گنجائشون جوڙڻ؛

(ii) شاگردن کي داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ، جن ڄاڻايل شرطن موجب امتحان پاس ڪيا هجن؛

(iii) پاڻ کي ضم ڪرڻ يا ٻين ادارن سان جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس قائم ڪرڻ؛

(iv) ڄاڻايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(v) پڙهائي جا ڪورسز بيان ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(vi) تعليم، پروفيشنل تربيت ۽ تحقيق ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ؛

(vii) ڪاليجز ۽ ادارن جو الحاق ڪرڻ يا ڌار ڪرڻ ۽ اهڙن ادارن جي جاچ لهڻ يا پنهنجو پاڻ کي چونڊيل تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي ادارن سان جوڙڻ، انهن کي انهن جا ڪم ۽ ذميواريون نڀائڻ لاءِ جوڳيون خدمتون ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ وقت بوقت اثرائتي تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي

پروگرامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت عمليون طئي ڪرڻ؛
(viii) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين ڪنٽريبيوشنز کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛
(ix) معاهدن، ٺيڪن ۽ انتظامن ۾ حڪومت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان انهن جا ڪم ۽ ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ شامل ٿيڻ؛
(x) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛
(xi) مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طيئي ڪري انسٽرڪشنل ۽ ڪو ڪيوريڪولر ايڪٽوٽيز جي سلسلي ۾ ۽ يونيورسٽي ۽ ان جي ادارن جي شاگردن کي داخلا ڏيڻ؛
(xii) استادن ۽ اسٽاف جي عملي سميت اهڙا عملدار مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ اسٽاف جا شرطون ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون بيان ڪرڻ؛
(xiii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

## باب _III

## يونيورسٽي جا عملدار

يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

6.هيٺيان يونيورسٽي جا عملدار هوندا:
(i) سرپرست؛
(ii) چانسيلر؛

(iii) وائيس چانسيلر؛

(iv) ڊينس؛

(v) ڊائريڪٽرس؛

(vi) تدريسي شعبن جو چيئرمين؛

(vii) پرنسيپال؛

(viii) رجسٽرار؛

(ix) ڊائريڪٽر آف فنانس؛

(x) لائبريرين

(xi) امتحانن جو ڪنٽرولر

(xii) ريزيڊنٽ آڊيٽر؛ ۽

(xiii) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي يونيورسٽي جا عملدار ٿيڻ جو بيان ڪيو ويو هجي.

سرپرست
The Patron

7. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

(2)سرپرست جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(3) هر اعزازي ڊگري ڏيڻ کان اڳ سرپرست کان تصديق ڪرائي ويندي.

دورو
Visitation

8. (1) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي جو سرپرست معائنو ڪري سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ اهڙو ماڻهو يا اهڙا ماڻهو ان سلسلي ۾ مقرر ڪري سگهي ٿو جيڪي اهو ان مقصد لاءِ ضروري سمجهي.

(2) سرپرست ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙي هدايت تي عملدرآمد ڪندو.

چانسيلر
The Chancellor

9.(1) ايسوسيئيشن جو چيئرمين يونيورسٽي جو چانسيلر هوندو.

(2) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي تہ ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون يا ڪنهن عملدار جا حڪم هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نہ آهن تہ، اهو اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو تہ ڇو اهڙين ڪاررواين کي لکت ۾ حڪم ذريعي ختم نہ ڪيو وڃي، اهڙي ڪارروائي يا حڪمن کي ختم ڪري سگهي ٿو.

(3) چانسيلر جي اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، وائيس چانسيلر سندس جڳهہ تي ڪم ڪندو.

وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

10.(1) وائيس چانسيلر، چانسيلر طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن چانسيلر طئي ڪري ۽ وائيس چانسيلر، چانسيلر جي خوشي سان عهدو رکي سگهندو.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن وائيس چانسيلر جي آفيس خالي هوندي، يا وائيس چانسيلر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسيلر وائيس چانسيلر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.

(3) وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو پرنسيپال اڪيڊميڪ اينڊ ايڊمنسٽريٽر آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي هدايتن تي

جوڳي نموني عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي پاليسيز ۽ پروگرامن تي عملدرآمد جو ذميدار هوندو.

(4) وائيس چانسيلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن ڪانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(5) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد ڪانسواءِ، وائيس چانسيلر کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي.

(b) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سمورو خرچ منظور ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳين ميجر هيڊس ۾ فنڊس ري ايپروپريئيٽ ڪرڻ؛

(c) غير متوقع آئٽم لاءِ رقم جي ري ايپروپريشن جاري ڪرڻ جيڪا پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪندو؛

(d) لاڳاپيل اختيارين کان نالن جا پينلس ملڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ايگزيمينرس مقرر ڪرڻ؛

(e) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(f) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا اسائنمينٽ ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

(g) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي پنهنجي اختيارن منجهان ڪي هن ايڪٽ تحت منتقل ڪرڻ، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن؛

(h) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛

(i) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب ـ IV

## يونيورسٽي جون اختياريون

اختياريون
Authorities

11. هيٺيون يونيورسٽي جون اختياريون هونديون:

(i) بورڊ آف گورنرس؛

(ii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(iii) فيڪلٽيز جا بورڊس؛

(iv) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛

(v) بورڊس آف اسٽڊيز؛

(vi) سليڪشن بورڊ؛

(vii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛

(viii) افيليئيشن ڪميٽي؛ ۽

(ix) اهڙيون ٻيون اختياريون، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرس
Board of

12.(1) عام نظرداري ۽ يونيورسٽي جي معاملن جو ضابطو ۽ ان جي پاليسيز جوڙڻ جو اختيار بورڊ وٽ هوندو، جيڪو

Governors

هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسيلر؛

(b) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛

(c) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛

(d) چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر سان مشاورت بعد نامزد ڪيل هڪ ڊين؛

(e) چيئرمين، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛

(f) چيمبرس آف ڪامرس ۽ انڊسٽريز ڪراچي جو صدر؛

(g) چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي ٽي ناليوارا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛

(h) چانسيلر طرفان ايسوسيئيشن جي سفارش تي ٽي بهترين ميرٽ رکندڙ ماڻهو نامزد ڪيا ويندا؛

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو ۽ ان جو مدو پورو ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا موڪل جي درخواست ڪانسواءِ بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين مان غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي کيس نامزد ڪندڙ اختياري طرفان تبديل ڪئي وڃي ٿي.

(4) ميمبر جي عارضي آسامي اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل شخص طرفان پري ويندي، جيڪو ميمبر نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي آسامي پري ويندي.

(5) وائيس چانسيلر بورڊ جي چيئرمين طور ڪم ڪندو.

(6) رجسٽرار بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(7) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Power and function of the Board

13. (1) خاص طور تي ۽ دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، بورڊ هيٺين ريت اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيندي:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس، اثاثن ۽ وسيلن کي رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) يونيورسٽي طرفان منقولہ ۽ غير منقولہ ملڪيت جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي قبول ڪرڻ؛

(c) ڪاليج يا ادارو ضم ڪرڻ يا ڌار ڪرڻ؛

(d) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي مشوري سان سالياني بجيٽ ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ يا مالي معاملن سان رولز آف بزنس ۾ رهنمائي ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمون شروع ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(g) طريقو طئي ڪرڻ ۽ قبضي کي بهتر ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر استعمال ڪرڻ؛

(h) پروفيشنل ريسرچ، ايڊمنسٽريٽو پوسٽ ۽ اهڙيون ٻيون پوسٽس پيدا ڪرڻ جيڪي يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن، اهڙيون پوسٽس ملتوي ڪرڻ يا ختم ڪرڻ؛

(i) سليڪش بورڊ جي سفارشن تي استاد، محقق ۽ عملدار مقرر ڪرڻ؛
(j) بيان ڪيل جاچ ۽ دفاع جي طريقيڪار ڪانپوءِ يونيورسٽي ملازمن کي سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ يا نوڪري مان برطرف ڪرڻ، جن کي مقرر ڪرڻ جو ان کي اختيار آهي؛
(k) چانسيلر کي پيش ڪرائڻ لاءِ قانون تجويز ڪرڻ؛
(l) مخصوص باڊيز جي سفارشن تي ضابطا ۽ قاعدا منظور ڪرڻ؛ ۽
(m) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي طئي ڪرڻ، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان کان آخر ۾ سمورا ضروري اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ، قانون، ضابطن يا قاعدن ۾ بيان ناهن ڪيا ويا.
(2) بورڊ پنهنجا ڪي به اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدارن يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪري سگهي ٿو.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

14.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون وينديون؛
بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت چانسيلر جي هدايت تي ڪوٺائي سگهجي ٿي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي ڇهن کان گهٽ نه هجن، ضروري نوعيت جو معاملو سمجهي.
(2) خاص گڏجاڻيءَ کان واضح ڏهن ڏينهن کان گهٽ نه هجن، نوٽيس بورڊ جي ميمبرن کي ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا منع ڪئي ويندي ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص

گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.
(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.
(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن تہ بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو. جيڪو استعمال ڪندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

15. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل هيٺين تي مشتمل هوندي:
(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو.
(b) ڊينس.
(c) ڊائريڪٽرس.
(d) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جو چيئرمين.
(e) پروفيسرس اميريٽس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرس.
(f) پرنسيپال.
(g) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري هوندو.
(h) لائبريرين.
(i) امتحانن جو ڪنٽرولر.
(j) بورڊ طرفان نامزد ڪيل ٻہ ناميارا عالم. ۽
(k) ٻہ ناميارا ماڻهو جيڪي چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا.
(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سال جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندا.
(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا ڪائونسل جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا جوڳو جواز ڄاڻائڻ يا غير حاضرجي موڪل ڪانسواءِ غير

حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اختياري طرفان تبديل ڪئي وڃي ٿي.

(4) ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ ياڱي تي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council

16.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي هدايت، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ لائيف کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) بورڊ کي اڪيڊمڪ معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) شاگردن جي پڙهائي ۽ امتحانن جي ڪورسز ۾ داخلا ڏيڻ؛

(c) بورڊ کي فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(d) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ جوڙڻ؛

(e) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ سمورن يونيورسٽي امتحانن لاءِ سيلابس هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون

سفارشون جاٽايل تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن.

(f) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(g) بورڊ کي جمع ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(h) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب اختيارين ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن؛

ٻين اختيارين جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, functions and powers of other Authorities

17. اختيارين جا ڪم ۽ اختيار جوڙڻ جن لاءِ ڪي مخصوص گنجائشون نہ هونديون يا هن ايڪٽ ۾ ڪا غير موزون گنجائش نہ ٺاهي ويندي، ايڪٽ ايهڙيءَ ريت هوندو جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اختيارين پاران ڪميٽي جي مقرري
Appointment of Committee by the Authorities

18. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اختياريون اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون مقرر ڪري سگهن ٿيون جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ جي بهتريءَ لاءِ فائديمند سمجهن.

## باب _ V

## قانون، ضابطا ۽ قاعدا

قانون
States

19.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، سمورن يا هيٺين مان ڪنهن بہ معاملي کي هلائڻ لاءِ قانون جوڙي سگهجن ٿا،

يعني:

(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فائدن جي؛

(b) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرطون ۽ ضابطا؛

(c) فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزن جو قيام؛

(d) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(e) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين پبلڪ يا پرائيويٽ آرگنائيزيشنز سان هدايتن، تحقيق ۽ ٻين اسڪالرلي ايڪٽوٽيز جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(f) پروفيسرز اميريٽس جي مقرري ۽ اعزازي ڊگرين ڏيڻ جا شرط؛

(g) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(h) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(i) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻ يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي قبول ڪرڻ، يا انهن کي بورڊ ڏانهن نظرثاني لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو بہ قانون موثر نہ هوندو جيستائين چانسيلر طرفان منظور نہ ڪيو وڃي.

ضابطا
Regulations

20. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) پڙهائي ۽ تحقيق جون اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي عرصي، مضمونن جي انگ يا امتحانن لاءِ پيپرز جي؛

(b) ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس ڏانهن وٺي ويندڙ پڙهائي ۽ تحقيقي پروگرامن جا نصاب ۽ ڪورسز؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري، ايگزيمينرس جي مقرري، چنڊ ڇاڻ، نتيجا ڪڍڻ ۽ انهن کي پڌرو ڪرڻ؛

(d) مختلف ڪورسز، امتحانن ۽ هاسٽلس ۾ داخلا لاءِ فيس طئي ڪرڻ ۽ اوڳاڙي؛

(e) شاگردن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي ڀلائي جون اسڪيمون جوڙڻ؛

(f) فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊلز اعزازيہ ڏيڻ ۽ شاگردن ۽ تحقيقي عالمن جي ٻي مالي مدد ڪرڻ؛

(g) ڪانووڪيشن منعقد ڪرڻ ۽ اڪيڊمڪ ڪاسٽيومز جي بيهڪ؛

(h) شاگردن جي رهائش جون شرطون؛

(i) لائبريري جو استعمال؛ ۽

(j) ٻيا سمورا تعليمي معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيٽا آهن.

(2) بورڊ کي ان کي فراهم ڪيل ضابطن کي منظور ڪرڻ يا انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن نظرثاني لاءِ واپس

اماڻ جو اختيار حاصل هوندو.
(3) ڪو بہ ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.
21. (1) اختياريون ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، استيٽيوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون.
(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

## باب _VI
## يونيورسٽي فنڊ

يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
The University fund, Audit and Accounts

22.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ترسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.
(2) مک ۽ اڪثر ڪري يونيورسٽي جو خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، يونيورسٽيز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي خرچ هلايو ويندو.
(3) ڪا بہ مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ يونيورسٽي تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا وقتي طور پروگرامن کان ٻاهر سرگرمين ۾ شامل هجي اهڙي رقم بورڊ جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ قبول نہ ڪئي ويندي.

(4) يونيورسٽيءَ جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت رکيا ويندا جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو ويو هجي ۽ يونيورسٽي جي هر مالي سال پورو ٿيڻ کان چار مهينن اندر انهن جي بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان آڊٽ ڪئي ويندي.

(5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ جمع ڪيا ويندا.

(6) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي تہ آڊيٽر آڊٽ جي معيارن ۽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جي اداري جي تصديق موجب جوڙي آهي.

**ملازمت تان رٽائرمينٽ**
**Retirement from Services**

23. يونيورسٽي جو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهہ سال مڪمل ڪيا هجن، ان ڪانپوءِ اهو پينشن يا ٻين رٽائرمينٽ جي فاعدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛

بشرطيڪ ڪنهن بہ ملازم کي تيستائين رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙي قدم کڻڻ جي حقيقتن کان آگاهہ نہ ڪيو وڃي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي؛ يا

(ii) جتي مٿي ڄاڻايل شق (i) موجب ڪا هدايت نہ ڪئي وئي آهي، تہ سٺ سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي.

**سبب ڄاڻائڻ جو موقعو**
**Opportunity to show cause**

24. سواءِ ان جي تہ ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نہ ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**اپيل ۽ بورڊ طرفان نظرثاني**
**Appeal to and Review by Board**

25. (1) جتي يونيورسٽي جي ڪنهن ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي (سواءِ وائيس چانسيلر جي) يا ان جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايل موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف بورڊ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، جتي حڪم بورڊ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي ان اختياري کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ اپلاءِ ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.

(2) نظرثاني لاءِ اپيل وائيس چانسيلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي خيالن ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ بورڊ جي سامهون رکندو.

(3) اپيل ۽ نظرثاني تي ڪو به حڪم جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ ۽ بينيوولينٽ فنڊ**
**Pension, insurance, gratuity, provident and benevolent fund**

26. (1) يونيورسٽي ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پروويڊنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پروويڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون.

**اختيارين جي ميمبرن**

27. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد

ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

جي مدي جي شروعات
Commence of term of members of authorities

28. ڪنهن اٿارٽي جي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرز ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي ان شخص يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي پريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

اختيارين ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي
Filling of casual vacancies in authorities

بشرطيڪ جتي اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، سواءِ بورڊ جيي، اها ان سبب جي ڪري ڀري نہ ويندي تہ ميمبر ايڪس آفيشو هيو ۽ آفيس ختم ڪئي وئي هجي، يا تنظيم، ادارو يا ڪا ٻي باڊي، سواءِ يونيورسٽي جي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم کان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت ڀري ويندي جيئن چانسيلر بورڊ جي سفارش تي هدايت ڪري.

29. (1) جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نہ رهندو، جيترو جلد هن حيثيت خراب ڪئي هجي، جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

اختيارين جي ميمبر بابت تڪرار
Disputes about members of authorities

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو تہ معاملو چانسيلر چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو

ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل تي بدل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

اختيارين جي ڪارروائين جي توثيق
Validity of proceedings of authorities

30. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندو.

پهريون شيڊول
First Schedule

31. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، شيڊول ۾ طئي ڪيل قانون، دفعہ 24 تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين ترميم ڪيا وڃن يا هن ايڪٽ تحت جوڙيل نون قانونن سان تبديل ڪيا وڃن.

ڪارروائي تي پابندي
Bar of jurisdiction

32. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

33. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

قانون ساز ادارا
Constituent institutions

34. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، علي ڳڙهہ انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي يونيورسٽي سان الحاق ٿيل رهندو ۽ تيستائين اهڙيءَ ئي ريت الحاق ٿيل رهندو، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

ڊسيپلين
Discipline

35. يونيورسٽي کي يونيورسٽي ۽ ادارن جي شاگردن جي نظم ضبط تي ڇاڻايل طريقيڪار موجب نظرداري ڪرڻ جو اختيار ۽ ضابطو هوندو.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

36. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ تي ڪنهن اختياري جي جوڙجڪ يا بيهر جوڙجڪ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا هن ايڪٽ جي گنجائشن کي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چانسيلر اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

## شيڊول

## پهريان قانون

## (ڏسو دفعه 31)

فيڪلٽيز
Faculties

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:
(a) انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛
(b) ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛
(c) بنيادي لاڳاپيل سائنسز جي فيڪلٽي؛
(d) هيومنٽيز، سوشل سائنسز ۽ اسلامڪ لرننگ جي فيڪلٽي؛
(e) هيومن سيٽلمينٽس اينڊ انوائرمينٽ؛
(f) اهڙيون ٻيون فيڪلٽيز جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.
(2) اسلامڪ ايجوڪيشن ۽ پاڪستان اسٽڊيز مسلمان شاگردن لاءِ لازمي هونديون ۽ غير مسلمان شاگرد سمورين فيڪلٽيز ۾ ان سلسلي ۾ ايٿڪس ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو مضمون کڻي سگهندا.
(3) هر فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا، تدريسي شعبا، مرڪز يا ٻيا

پڙهائي يا تحقيق جا يونٽ شامل هوندا، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف فيڪلٽيز
Board of Faculties

2. (1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) ڊين؛

(b) پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جا چيئرمين؛

(c) فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جو هڪ ميمبر، لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(d) ٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي حوالي نہ ڪيا ويندا، انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾، فيڪلٽي حوالي ڪيل مضمونن تي خاص ذميواري هوندي.

(2) ذيلي دفعہ (1) جي شقن (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل ميمبرس ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(3) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(4) هر فيڪلٽي جو بورڊ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار رکندو.

(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت ڪوآرڊينيٽ ڪرڻ؛

(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل ڪورسز ۽ نصاب جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي

مشاهدي سان گڏ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛
(c) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ۽ ڊگري ممتحن جي جيڪي وائيس چانسيلر هوندو ۽
(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڊينس Deans

3.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين هوندو ۽ چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي فيڪلٽي ۾ سڀ کان سينئر ٽن پروفيسرن منجهان نامزد ڪيو ويندو.
(2) ڊين ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو.
(3) ڊين فيڪلٽي ۾ ايندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪندو.
(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

تدريسي شعبو Teaching Department

4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.
(2) ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين بورڊ طرفان ڊپارٽمينٽ جي سينئر استادن منجهان مقرر ڪيو ويندو.
(3) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو.

بورڊ آف اسٽڊيز

5. (1) هر مضمون يا مضمونن لاءِ هڪ ڌار بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

هوندو. جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(a) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين؛

(b) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(c) ٻه يونيورسٽي جا استاد، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(d) ٽي ماهر، سواءِ يونيورسٽي جي استادن جي، وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) لاڳاپيل يونيورسٽي ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

(6) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:

(a) اختيارين کي لاڳاپيل مضمونن ۾ هدايتن، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛

(b) مضمون يا لاڳاپيل مضمون ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛

(c) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپرس سيٽرس ۽ ايگزيمينرس جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو

ويو هجي.

اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced Studies and Research

6. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ڊينس؛

(c) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز سواءِ ڊينس جي، بورڊ آف گورنرس طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(d) ٽي يونيورسٽي استاد، جن کي تحقيق جو اهليت ۽ تجربو هجي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(e) پروفيسرس اميريٽس.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اختيارين کي صلاح ڏيڻ؛

(b) تحقيقي ڊگريون ڏيڻ سان لاڳاپيل ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(c) تحقيق جي شاگردن کي انهن جي تحقيق جي ٿيسز جو مضمون طئي ڪرڻ لاءِ سپر وائيزر مقرر ڪرڻ؛

(d) تحقيقي امتحانن لاءِ ان سلسلي ۾ بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سليڪشن بورڊ
The Selection Board

7. (1) هڪ سليڪش بورڊ هوندو جيئن هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) بورڊ جو هڪ ميمبر ۽ بورڊ طرفان ٻه ناليوارا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا، بشرطيڪ انهن مان ڪو به يونيورسٽي جو ملازم نه هوندو؛

(c) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(d) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين؛

(e) ايسوسيئيشن طرفان نامزد ڪيل هڪ شخص.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس کانسواءِ سليڪشن بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) سليڪشن بورڊ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.

(4) سليڪش بورڊ جو ڪو به ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نه وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ ٻه ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان ۽ وقت به وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

سليڪشن، پروموشن

8. (1) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين

ٽيچنگ ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪرڻ لاءِ بورڊ کي اعليٰ شروعاتي ادائگي جي گرانٽ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو.

(5) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نه ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو. جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

9. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ايسوسيئيشن جا ٻه نامزد ڪيل؛

(c) بورڊ جو هڪ نامزد ڪيل؛

(d) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ ماهر ٻه ڄڻا چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(e) هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو. ۽

بورڊ لاءِ ڪم
Functions for the Selection, Promotion Board

فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي
The Finance and Planning Committee

(f) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري هوندو.

(2) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرس هوندو.

**فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم**
**Functions of the Finance and Planning Committee**

10. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) سالياني اڪائونٽ اسٽيٽ مينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ.

(b) يونيورسٽي جي مالي بيهڪ جو سلسليوار جائزو وٺڻ.

(c) بورڊ کي پلاننگ, ڊولپمينٽ, فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ.

(d) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ.

(e) اسٽاف ۽ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ.

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ, جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

**الحاق ڪميٽي**
**Affiliation Committee**

11. هڪ افيليئيشن ڪميٽي هوندي, جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر, جيڪو چيئرمين هوندو.

(b) بورڊ جو هڪ ميمبر جيڪو بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(c) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو.

(3) افيليئيشن ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن ڪان وڌيڪ نہ هوندا.

(4) افيليئيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**